SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1972
# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1972
# اولهه پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
# THE WEST PAKISTAN LAND REVENUE ACT (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972
## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي دفعه 164 جي ترميم
Amendment of Section 164 of West Pakistan Act XVII of 1967

# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1972
# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1972
# اولهه پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
# THE WEST PAKISTAN LAND REVENUE ACT (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

[23 آگسٽ 1972]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهه پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972 سڏيو ويندو.

(2) هي 20 مارچ 1972 کان لاڳو ٿيندو.

commencement

1967 جي اولهه
پاڪستان ايڪٽ
XVII جي دفعه 164
جي ترميم

Amendment of Section 164 of West Pakistan Act XVII of 1967

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 جي دفعه 164 ۾:

(a)ذيلي دفعه (3) ۾ لفظ ”ڪمشنر“ لاءِ لفظ ”بورڊ آف روينيو“ متبادل ٿيندا؛ ۽

(b)ذيلي دفعه (4) ۾ ڏينگين ۽ انگ ”(2)“ لاءِ ڏنگيون ۽ انگ ”(3)“ متبادل ٿيندا.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**